



کتريءَ جي اسڪيچ ـ بڪ مان ”سن باٿ“

Gulhayat Institute

Gul Hayat Institute

# لطيفي لات

هرڪو هلندو گهر، درگذر، ڪو ڪو نظر، يار! سائيهءَ جو!

وڻندڙا سينهن سليرَ تي، ڀٽن پاسي پر، ٽر ٽوهر، ملڪ موهر، ماڳ مارئيءَ جو!

ليلا پنهنجي لڇڻين، سٽيين تي توڻ نه مر، سُرت ٻه ڪر، عشق آپر، ڪانڌ ڪونروءَ جو!

راڻو رات رُسي ويو، آڻي پيرن پر، ڊُرت ڏڪر، سنڀيو سفر، محب مومل جو!

لائون لال لطيف جي، نرمل ڪر ڪو نظر، پوريل در، ٻيج پيڙيل، قلف قلب جو!

(سيپين محمد ابراهيم ڪان ٻڌل)



Gul Hayat Institute

# تخليق ۽ تنقيد

● هرڪا ٿهي فن جي تصور بابت پنهنجي پسند ۽ وياڪاڻ جا ماڻ پاڻ مقرر ڪندي آهي.

● هر عظيم شاعريءَ ۾ ڪجهه شيون اهڙيون هونديون آهن، جن کي راز ۾ ئي رهڻ گهرجي، پوءِ ڀلي ڪٿي شاعر بابت اسان جي ڄاڻ ڪيڏي به مڪمل ۽ وسيع ڇو نه هجي. ۽ اِها ئي آها ڳالهه آهي، جا اصل ۾ گهڻي اهميت رکي ٿي. جڏهن به ڪو نظم مڪمل ٿي وڃي ٿو، ته هڪ اهڙي شيءِ ظهور ۾ اچي ٿي، جنهن جي وضاحت ڪنهن اهڙي شيءِ سان پيٽ ڪري، نٿا ڪري سگهون، جيڪا ڀهرين ئي وجود ۾ اچي چڪي آهي. اِها ئي آها شيءِ آهي، جنهن کي مان تخليق جي نانءُ سان تعبير ڪريان ٿو.

● اهو نقاد، جو ادب کانسواءِ ڪنهن ٻي شيءِ ۾ دلچسپي نٿو رکي، انهيءَ وٽ چوڻ لاءِ به گهڻو گهٽ هوندو آهي ـ ڇو ته ائين سندس ادب نج ۽ هڪ الڳ ۽ پاڻمرادي شيءِ بڻجي وڃي ٿو. شاعر شاعريءَ کانسواءِ به ڪجهه دلچسپيون رکي ٿو، ڇاڪاڻ ته انهن کانسواءِ شاعري ٻُسي ٻُسي رهندي. شاعر ان ڪري شاعر آهي، جو سندس مکيه دلچسپي اها آهي، ته هو پنهنجي تجربي ـ ۽ خيال کي ڪوتا جو روپ بخشي.

● ادبي نقاد جي حيثيت ڇڙو ڪنهن فني ماهر جي ناهي، جنهن مؤل متا سکي ورتا آهن، جن جي پابندي انهن ليکڪن کي ڪرڻ جڳائي، جن تي هو تنقيد ڪري رهيو آهي. نقاد لاءِ ضروري آهي، ته هو هڪ پوري اڪائيءَ جي حيثيت رکندو هجي. هڪ اهڙي ماڻهوءَ جيان، جنهن جا پنهنجا عقيدا ۽ اصول هجن ـ جنهن وٽ علم هجي، ته زندگيءَ جو تجربو به.

—— ٽي ـ ايس ـ

منهنجو روح بہ تون ۽ رباب بہ تون،
منهنجو گلشن تون ۽ گلاب بہ تون،
منهنجو مقصد تون، مهتاب بہ تون،
منهنجي باغ جي آهين بهار سڄڻ!

مون کان منهنجا حبيب حجاب نہ ڪر،
منهنجي غلطين جو تون حساب نہ ڪر،
مون کان مُنهڙو لڪائي عذاب نہ ڪر،
مون ڏي تنهنجا حرف هزار سڄڻ!

رحيم بخش "قمر" سان رهاڻ تون ڪر،
منهنجي سک جي ڳالهہ سرهاڻ تون ڪر،
پنهنجو وصل عطا پرين پاڻ تون ڪر،
سائو ڪڏ جي ڪيون گلزار سڄڻ!

## مهر پروين

### ڪافي

ڪجهہ ڏيان ڇگيرو ڌار سڄڻ!
هيئن ڪير هجر ۾ مار سڄڻ!

پرين پيار ڪري، هاڻي رهہ نہ پري،
منهنجي توريءَ ساعت ڪين سري،
پئي جندڙي جهري، ڏک سور چري،
سي سور سيگهيرا ٽار سڄڻ!

وچ ڪين پري، ڏسي ڪم ڪُڏا،
توکي ڏيندو چڱائيءَ جو اجر خدا،
اچ سحب مٺا، رهہ ڪين جدا،
سُڻي سوال اچي ڪڏ گهار سڄڻ!

ماندي مفت مري، ڪنهن کي ڪوڪ ڪري،
نٿي دانهن پچي، وٺين نڪري پري،
مٺا مهر ڪري، اچ پير پري،
جيڪي وعدا ڪيئي، اهي پار سڄڻ!

"پروين" پري رهي ڪيئن سگهي؟
تنهنجي سات سوا سا ڪيئن تڳي؟
جيڪا آهہ پڌي تنهنجي سيڪ سڳي،
تنهن کي اوکيون ڪل اڪار سڄڻ!

# نعيم دريشاڻي

(1)

منهنجي دل جي
تنگل ڦيٿل
جهوني سراءِ ۾
هڪ غمن جو ارٿرينڪ(1) ڀوت
رهي ٿو.
اڪثر گهگهه سناٽي ۾
ڪنجهندو ڪنجهندو
اٿندو آهي
رڙهندو آهي
رڪندو آهي
ڪنجهندو آهي
ڇُرندو آهي
جڏهن
واءُ لڳڻ تي
ريگزارن ۾
واري
رڙهي
بيهي رهي
ڪجهه سوچي
وري اٿي رڙهي.

(2)

هيءُ جيڪو
منهنجي هٿ ۾
ڪاٺيءَ ٽڪر آهي
آءٌ ان مان
وڏيرو ته
تير ٺاهيان
يا ڪمان
ڪرسي، ميز
يا مڪان
کيڏڪ ٺاهيان
يا صليب
گل ٺاهيان
يا گلدان
ڪُنڍي ٺاهي
سُيون ٽُنبي
وُودو(2) جو ناچ نچان
جان وجهان
آءٌ ازلي شڪتي آهيان
Mind آهيان.

---

(1) ارٿرينڪ (Arthritic) = اهو ڪراڙو، جنهن کي سنڌن جي بيماري هجي. (2) وودو (Voodo) معنيٰ ڪارو جادو.

Gul Hayat Instutute

# ذوالفقار راشدي

## غـزل

اڄ قلندر پنهنجي ڌُن ۾ مست، مگن، مخمور،
منهنجي ٻونيان قصا ڪهاڻيون ڪئين ٿيا مشهور!

ماڻهو آهيان ڪيئين سانڍيان، نڪريو وڃن اوٻاڪ،
اڄ ته ٻاهر ٻاڦيان ويٺو، جيڪو سانڍي سور!

واقڻ داقڻ ناهي، دلبر، هيءُ اسلهه اظهار،
چپَ وَڏايان چپَ سبايان، موت تيهان منظور.

ڪَڪڙيون ناهن اکڙيون پنهنجون، مرجهايل ڪي مُکڙيون،
راتيون ورقن ۾ واجهايم، اوتي نيڻن نور،

ناهي اڄ ٻيي آجرو پنهنجو، ڪلهه ٻيي ڪارو انڌارو،
ڏنبي ڏيئاڙي حال، ته ماضي پلڪ پلڪ جو پور.

ڪامڻ ڪاڪ ۾ خود قيدياڻي، راڻو ريبي ڪير!
دل وارئو، هن وستيءَ ۾ هيءُ عجب ڏنم دستور.

باغ، بهار ۾ ننگيون ٽاريون، ڳُونج لڪو ڦُلَ ڦُولَ،
ٻوڪيل ناهن ڪجيءَ ڪٿوريون، انبن ۾ ڪونهي ٻُور.

جوش ڀا هوش يا لينهن - نشي جي، ناهي هتڙي بات،
اهڙي واءُ گهُلي جو دل ۾ هر جذبو لاسور.

ڳالهه - ڳجهاندر لفظن ۾ مون، چاهي ڪريان قيد،
ڳوڙهن سان ڀيو ڪاغذ ڀُسجي، لکي نه ويٺي مور.

ست رنگ، صد رنگ سوچن جا مون، جوڙيا ڪئين جنسار،
اک - چنبي ۾ سڀ جوڙ اجائي، شيشا چڪنا چور.

سهڻن خوابن جون تعبيرون، هاڻي چٽڪ سراب،
اهڙو سپنن ۾ ساڀيان ڪي، ورتو ننڊ اکور.

## ثريا سوز

### غزل

ڪيئن حياتي آخر گھاريون، سوچيان ٿي،
ڪيسين پنھنجا جذبا ماريون، سوچيان ٿي.

هر روز اندر ۾ جوش نئون ٿو جاڳي،
پڙڪيل باھ پلا ڇو ٺاريون، سوچيان ٿي.

اونداھي ڇو آھي؟ پوسٽ ڇو آھي؟
جڳمڳ جوت نئين ڪا ٻاريون، سوچيان ٿي.

ڪو رهبر آھ نہ ڪائي منزل آھي،
پنھنجو بہ لڳي ٿو ڏُر ڏاريون، سوچيان ٿي.

ڏور ڪنارو، تيز هوائون، مڙھ ڦانل،
تار منجهان ڪيئن ٻيڙي تاريون، سوچيان ٿي.

هٿ پير هڻون اڳتي تہ وڌون، لَڪَ لنگھون،
ڏاڍ سندا ڪيئن ڏونگر ڏاريون، سوچيان ٿي!

## ماڌيڊو اوڊو

●

ڊُکَ جو ڪونھي ڊنگ،      جيون ڪاريھر جو ڏنگ.
مون کي موھي سگھيو ڪينَ،      ڊِولڻ سائينءَ جو ڪو ڊنگ.
سوچي سوچي ذھن ٿڪو تہ:      ذھنن تي ڇو آھي زنگ.
مون کي چارڻ ڪونہ سُجھي،      ڇوري جيڪو ھاڻي چنگ.
ھيڏي ھوڏي ھاريل آھ،      رنڌن تي اڄ ريٽو رنگ.
ساوڻ رُت ۾ وسندا مينھن،      جھومي ڳائيندو جھرجھنگ.

●

ڏات ڏيئي ڪي ٻاريندا سين،      جاڳي جوت جياريندا سين.
ڳَٺين منجھ ڳرون ڇو سائين،      مُرڪي عمر گذاريندا سين.
گھر ۾ ساھ وجي ٿو گھُٽجيو،      کُليءَ ھوا ۾ گھاريندا سين.

Gul Hayat Institute

# تاج جويو

## الطاف جي ياد ۾

موت !
رانپوتو هٺي،
مُرڪَ جيون جي چپن تان،
وئين ڪَسي اڄ اوچتو-!
شل پوي او موت توکي موت ڪو!
سونهن جي،
مرڪندڙ مُک تان جهٽين ٿو،
ڦول سرها--
۽ ڪرين ٿو،
منت ۾ مهٽيو ميٽي!
بي قياس،
ديوَ ڪارا موت جا!
منهنجي اڳيان منحوس مُنهن پنهنجو هٽاءِ!
مان ڏسڻ توکي نٿو چاهيان-
چو ته:
آهيان آءٌ شاعر زندگيءَ جو،
سونهن جو!
زندگيءَ جا،
سونهن جا ويري هليو وڃ!
تَــر اکين کان!
مان نٿو چاهيان مرڻ-
مان جيڻ ليءِ،
آئيو آهيان هتي،
۽ جياپي جا سبق،
ڏيهہ ساري کي ڏيڻ ليءِ،
گيت جوڙڻ ٿو گهران!

## غزل

سُهڻي مُنهن تــي موهيڙن ڪَڻ،
ڪيرل وَلِ جــا ڪَلَ هجن چڻ!

شهـرن جــا رهـواسـي شـاعـر،
واهـڻ جـون تشبيـهـون ڪـڻ!

ســاري پٺــونهءِ پٽر جــا ڪُلـڙا،
جنت ڪــان وڌ واهـڻ واهـڻ!

ڪــيڏي آ ســرهــاڻ هــوا ۾،
بسنــت رُت سَهڪايــو وڻ وڻ!

پــريــن! پٽــي مان تــولءِ آيس،
ڳاڙها پير ڳٽول، پــر تــي ڪـڻ!

سِرنهــن ڦُلاريــا، سِيڪ ڦُلاري،
آءٌ آجــارڻ مــن جـــو آســڻ!

Gul Hayat Institute

## ساز ملاڪاتياري

### ٻه نظم

چوڙ آڌر ۾
ڪڪرائين اجرڪ اوڍي
آڏيءَ ويلي
اوسيئڙي ۾ آس آسڙڪي
نرمل جسم
ٽڙ ٽڙ ٽڙڪي
دل جيئن ڌڙڪي
چالڊوڪيءَ جو
هانءُ تيهائين ھُڙڪي!

●

دوستو ڇا لڪان؟
ڪالهه جان اڄ به مان
پل جيان پل مران

سال تي مست هو
حال تي مست مان
ڇو رئان يا کلان؟

وقت ئي ويسلائي
ڪيئي ويو وري
بانهون ٻئي لوٽ ڪان
جي لڪان،
ڪيئن لڪان!؟

## واجد ناز

### !

حيرت آهي
مونکي تون ڪلندو ڏسڻ چاهين ٿو!
پن ڇڻ جي موسم ۾
گل سنگهڻ چاهين ٿو
لاش جي زرد ڳلن ڪي
سرخ ڏسڻ چاهين ٿو

حيرت آهي!

## سورٺ

### ● نظم

هي چمڪندڙ تارا
ڪيڏا نه آهن سوڀارا
توکي هن پل پسندا هوندا
۽ تون به انهن ڏانهن
ڪٽ تي ٿڪڻ ويل
مون وانگر
اٿاهه مايوسيءَ جي ساگر ۾
ٻڏندو ترندو
هوندين سوچيندو:
ته 'ڪاش، تون به هجين ها تارو
۽ مونکي پنهنجو جلوو ڏيکارين ها
آڇهاندڙ نيڻن ۾
ڪا ته ڏياتي ٻارين ها!!'

## خاڪي جويو

● هن حياتيءَ هاءِ،
جنگ ڪئي هر جُوءِ ۾.

سوچ آڀاري سچ جي،
جيون جاءِ بجاءِ.

ڏئي مُهاڏا ڏاڍ سان،
مرندي جهرندي ماءِ.

خاڪيءَ هر ڪنهن ڪنڌ ۾،
لڙندي لوڪن لاءِ.

## محمد خان مخمور

●

ڪُوٽيو پٽ ۾ ڪُومَلَ،
ڊمرُو اڀين ڏنڊ ۾.

ليرڪيءَ والڪر لينگري،
ڪوهہ ترين تي تَلَ.

هريا ڪپڙا ٻَتَ تي،
الڳ الڳ رنگ آنلَ.

ڏاڍي آهين اينڌري،
ٻل ڙي جوين - جَلَ!

## بشير سيڻائي

●

ٻَرَ ٻہ تون ٻرمار،
هيل ٻہ تنهنجي حاڪمي.

سارو آنءُ ڪٿي ويو،
ڪٽري مان ڪمدار.

سُمهون ٻاڻ ٻراڙ تي،
ٻيٽ ٻُڪيا، ٻوتار!

ڪٿي هلين ڪار ۾،
ساڻ سُريلي لار.

●

ڇا ڇا آءٌ لڪان؟
مون ڪان لڪيو ڪين ٻُجي،

ڪچان ٻچان ڪيئن مان،
آڏو ڪات سنوان.

جهرِي منهنجو جهو ٻڙو،
ڦهري ڪوٽ ڏسان.

جا سر سالڪيئڙن تي،
ڪهڙو حال ڪيان!

Gul Hayat Institute

# مقبول اختر

●

ڇڙني ڇوري
ڪوجهي ڪاري
ڦاٽل ڪپڙن واري لينگر
وچ بازار ۾
هر ڪنهن آڏو
هٿ ٽنگيندي
ليلائيندي
دان گهري ٿي
پر هي دولت وارا ماڻهو
ٻُڇان منجهان هن ڏاڍهن لهاري
پنهنجي پنهنجي راهہ رمن ٿا
ڪنڌ ورائي ڪوڙ ڏسن ٿا!!

# شفيع چانڊيو

(ٽيڙو)

آ تہ هلون هُن پار
ڇڏي ڏهيوءِ ڏيهہ کي
لهي لوڪ تان بار

ڪُمهلي آيل ساڻ
ڪيجي ڪيهي، هينئڙا
ويهي روح رهاڻ

تو بن لينهن لڳر
ائين پيو پاسيم ڄڻ
سُج جو آهہ سفر

چنڊ ڪي کهڙي ڪَل
تو بن گذرن ڪيئن ٿا
صديون پهر ۽ پَل

# اشرف آصف مصراڻي

(ٽيڙو)

Gul Hayat Institute

سياڻو يا نادانِ
پرينءَ ۾ پيٽ لئيءَ
هرڪو آ حيرانِ

ڪيئن ڪري اسانِ؟
هڪ پاڳل پريت ڪري
پيو نانءِ ڪري نادانِ

ماڻهو هرڪو مورِ
ٻَري هين سماج ۾
ساڻ ٻئيو ڪو چورِ

سولهن سدا گلاب
جوڻين رُت بسنت جي
مالهيءَ جو جڻ خواب.

# اياز گل

## غزل

رم جهم رنگ رچايا آهن،
ڪورا نينهن آڇايا آهن.

هيل به منهنجي دل ۾ ايندا،
سورن ڀُورَ ڀچايا آهن.

ڪجهه ته تون ٻي هٿ ڏکيڙ،
سون جي هٿ وڍايا آهن.

منزل ڀوءِ ٻي ساڳي آهي،
رستا جي ٻدلايا آهن.

آءٌ وڏو ماڻهو ڪونهيان ڪو،
تنهنجا خيال اجايا آهن.

سَچ جي سُندر ناريءَ گهُوري،
گهوٽ گهڻا ئي گهايا آهن.

وِسڻا ناهن، وِسڻا ناهن،
سون جي ديپ جلايا آهن.

ڇيڙ ٻڌي سون جذبن جي،
پنهنجا گيت نچايا آهن.

●

مان جنهن سان تو پيار ڪيان ها،
آهي واءُ جيان...
چاهڻ سان به
جنهن کي ڪين ڏسي تو سگهجي،
هٿُ وڌائي،
هوا وانگي پڪڙي مُور نه سگهجي،
بس محسوس ڪجي تو،
تيز گهُلي ٿي
دل جو در ٿي کڙڪائي،
۽ دل جي گهر ۾ رهندڙ
جذبن کي جاڳائي،
پل لئه ٿڌڙا مٺڙا ڪي،
احساس ٻئي ڦهلائي،
۽ ٻئي پل هلي وڃي ٿي،
پيو ڪو شهر وسائي،
هڪڙي ڀل ڳڻ آهي مون سان،
ٻئي پل مون سان ناهي،
مان جنهن سان تو پيار ڪيان ها،
آهي واءُ جيان...



Gul Hayat Institute

# سروپچندر شاد

<u>ڪارونجهر تي مور ٿهوڪي</u>

## ڀهروپي

هن جي ڪنهرين اکڙين ۾،
برباديءَ جا ڏيک انيڪ؛
هڪڙي هٿ ۾ ائٽم بم آ،
ٻئي هٿ ۾ هئڊروجن بم؛
ذهن ۾ ”نيوٽران“ ناهڻ جو آ فارمولو.
مُک تي معنيٰ خيز جهلڪ،
۽ چپن تي هيءَ واڻي:
”آئون امن جو پوڄاري،
آئون امــن ٿــو چاهيان!
آئون امــن ٿو چاهيان!“

●

## ڏيـاري

آئي ڏياري،
جڳمڳ جڳمڳ ڏيئا ٻرن ٿا؛
ٻر ايا ٻي،
جڳ ۾ اوندهه ڇانيل آهي:
اڄين لڳي ٿو،
روشنين جي رامچندر،
اونده جي راوڻ کي ماري،
سونهن ۽ ساجهه جي سيتا کي،
اڃا موٽائي،
آندو ناهي.

●

## انقلاب

وَٺــو وڏ ـ ڦـڙو :
ڌرتي نوان ويس ڪيا،
ويــو ســوڪهــڙو.

●

## شعر

(1)

مون جو شعر چيو:
ڪارونجهر جي ڪور مٿي،
راڙو مــور ڪيــو.

(2)

مون جو شعر لکيو:
صدين جو هيسايل ماڻهو،
حق گهـُرڻ سِکيو.

●

## جذبن جو نـاچ

ڪارونجهر تــي مور ٿـهـُوڪي،
منهنجا جــذبــا نــاچ اچن ٿــا؛
”سنڌڙيءَ تان سر گهوري ڇڏيان“
دل ۾ هـَر هـَر خيال اچن ٿـا.

●

## صليب

هيءَ ڌرتي هڪ صليب آهي:
جنهن تي لٽڪي،
هر دور ۾ ڏيهه جا ڏاها،
ڪوٽ ڪوڙ جا ڪيرائي،
سچ جا سورج چمڪائي،
ساري جڳ جي سونهن وڌائي،
عيسيٰ جان ٿي امـَر وڃن ٿا.

●

## ٿوميندر مفتي

### نظم

نيٽن سان اڄ نيڻ ملائي،
مٺ جا ڀالا ڀڃائي ڇڏيان.
ڏوکي جون ديوارون ڊاهي،
پيار جا ڪنول ڪلائي ڇڏيان.

ڪوڙا رشتا ڪوڙا ماڻهو،
سڀ کان منهنڙو موڙائي ڇڏيان.
ٺڪاري ولي هر ڪنهن دل تان،
نينهن لياڪو مٽائي ڇڏيان.

سارو لوڪ لڙيءَ ۾ پوئي،
ويڇا سڀ ميٽائي ڇڏيان.
سچ سچائي، انڌي ٻن ۾،
آڳ مان ڪائي لڳائي ڇڏيان!

پُتلي گهر ۾
تون ۽ مان
پُتليون آهيون
جنهنجي ڏور
پاڻ کان ڏور
ڪوجهن ڪارين آڱرين ۾
هوندي به لاشو
آڱرين جي چُرپُر تي ٿا
ڪيون تماشو!

---

## عاجز اُجڻ

### (دوها)

ساوڻ آيو برکا برسي، لڳي هنئين کي چوٽ،
منڙا ماڻهو هڪڙو پيرو، پاکر سون کي پيٽ.

ساوڻ آيو برکا برسي، هينڙي هور هريام،
منڙا ماڻهو توکي ماري، ساري رات رُنام.

ساوڻ آيو برکا برسي، چوڏس ميگهه ملار،
منڙا ماڻهو نانءُ ڏنيءَ جي، هاڻ ته واڳون وار.

Gul Hayat Institute

## ڪنول لُهاڻو

# موتَ

(زان پال سارتر جي نالي)

وقت جي هر ڦال تي پيو ڦو اڇان،
تاريخ ۽ تهذيب جي... (صفحن) تي مان.

جنهن به ڏاهي آ لئين ڪا ڳالهه ڪئي،
منهنجي پيرن جي بدلجي چال وئي.

۽ چون ٿا سڀ انهيءَ کي زندگي،
ها، چون ٿا سڀ انهيءَ کي زندگي.

مان ڏسان ٿو روجهه ۽ سهڻا هرڻ،
ٿا اچن سڀ ٻوڙندا پاڻي پيئڻ.

چنڊ جي ڪرڻن جو مکڙين کي چمڻ،
بادلن جو ٻيهي رهڻ ۽ خوش ٿيڻ.

۽ جڏهن پوليون ٻکين جون ٿو ٻڌان:
پيو مڇيون پاڻيءَ ۾ ترلدي ٿو ڏسان.

منهنجي هستيءَ کي تڏهن ڳوليان ٿو مان،
ڪيترا پردا وري کوليان ٿو مان.

منهنجي هستي ڪان پري، ڪيڏو پري،
مان ته ويٺس پاڻ کي قيدي ڪري.

او ــــــــــ مشينن جا ڌڻي!
بم گولن ۽ سنگينن جا ڌڻي!

فڪر تنهنجو آدمي لئه چار لٺون،
اِزم تنهنجو آدمي لئه هٿڪڙيون.

مون کي کهرجن ڪوڙ ٿا ٻنگلا اِهي،
مون کي کهرجن کوڙ ٿا ڪپڙا اِهي.

وقت جي مکروهه طبلائين کي چٺو،
پاڻ ٿي ڳايو وڃايو ۽ لڇو.

مان اکاڙو پي کهي سگهندس اها،
۽ وٺن هيٺان سمهي سگهندس اچا.

مان وري غارن ڏي موٽي ٿو وڃان،
مان وري غارن ڏي موٽي ٿو وڃان.

Gul Hayat Institute

# نصير مرزا

## نظم

•

پيچ پنيءَ جو منهنجي گهر جي در تي وينل جهرڪين جڏهن چيرچير جو چنگ ڇوريو
سپني ۾ مون پنهنجي ميت جي ڪومل ڪچڙي ڳل تي ڏيئي آخري مِٺي مرڪي آرس موڙيو

وڇڙي ميت کان ڏينهن سڄو مان ٻيٽ جي ڪن ۾
ٻس جي ڦيٿي وانگ ڦريس

سُرمئي سانجهه لڙي ته هٿن جي ٻنهي ٻڪن ۾
چٽڪائيندي سڪا، پنهنجي گهر موٽيس.

•

وقت هوا جيئن
سُنيون پيڙي
هر شيءِ سان ٽڪرائيندو
ديوارن کي ڪيرائيندو
انڌي هاٿيءَ والگي
ڊُڪي پيو-
۽ هي جيون
روزنامچي جي
پنڙيءَ تي
پئسينجر ٽرين جيان
رڙهي پيو.

•

ٻَس جي کَپَ کيهه ۾
چيچڙي چيٽجي
يا ته
فوٽ بورڊ تي
لڙڪي سڙڪي.
سنڌ يونيورسٽي ته
پُڄڻو آهي
جيڪڏهن پڙهڻو آهي.

Gul Hayat Institute

## عذرا جبين ميمڻ

### جهومي نچيو مور

(ڏيڙو)

اچي ٿي جڻ ٻهار،
مُرڪي ٿو جڏهن-
ٽڪرڙو ٻار.

جهجهو وٺو مينهن،
ڌرتي ۽ آڪاس جو-
ڪهڙو ليئهن سنيهن!

وقت جي رفتارَ
ڪري ٿي ڪائي
خاموش گفتارَ

لنڊي ليٽي ڪنوار
ٽُلهي پوڙهي سهڻ جي
اکين منجهہ خمار

جهومي نچيو مور
بادل برسيا ٻـٽَ تي
ڪري ڏاڍو شور

سنڌو تنهنجو پيار
الگ ڊڪيڻي تڏهن
مهاڻن وڏو چار

هٿ ڊگهيري مُرڪي
جُـوان فقيرياڻيءَ جي
تيري پيڻي جرڪي

### جيڻ ڪارڻ جيڏيون

جـُڳن ڪنان هن جـڳـَ ۾
جاڙ جيون پيا
جيون آهي زهر: پيون پيا
چٽني پاسان کهوريند ڙ
اکيون اوپريون
تـَن ۾ جن ڪان تـُن
نقابن هيٺان
چهرا اڻجاتل

هر ڪنهن من ۾
دوکا ۽ دولاب
ٽـُٽا پيا ها وچ رستي تي
ڪيڏا سندر خواب

پوءِ بہ جيڻ چاهيون ٿا
هن اوپري ڪـُل جـُڳ ۾
خواهش پويان خواهش ڪـَڏ لـِڳل
حاصل؟
پور پور آشائون!

# نورالهديٰ شاهه

## (جنم ڏينهن)

پاتال تائين ڦهليل اُهو
سرخ -- پاڙون
۽ اُنهي پير ڪپاٽي ڇڏيا اٿم
ڪلهن تي ٽنگيل صليب وانگر
ڌرتيءَ جي ڇاتيءَ تي

مٽيءَ جي درياهه ۾، وهندي - وهندي
لس - لس، ميڙي - سيڙي
جُڳن تائين ويهي جوڙيو اٿم
پنهنجو اڻپورو وجود

رب العالمين!
جڏهن "ڪُن" جي پڙلاءَ تي
ڪنڌ ڪنيو هئم - تڏهين
مٽيءَ جي خوشبوءِ سان واسيل هئم
بدن سارو

۽، نس - نس ۾ وهي رهيو هئم
مٽيءَ جو درياهه
(گهرو - اٿاهه)

اُنهي پانهون ڦهليل هئم
ڪينجهر ڪان ڪارونجهر تائين

سجدي مان ڪنڌ کڻي
ڌرتيءَ جي مٽي ڀُڪن ۾، ميڙي - سيڙي
اکين ۾ ڀري ڇڏي هئم

## مٽيءَ جو درياهه

اکيون --
روز - ازل جي سج سمانِ
هيل تائين
ڀري رهيون آهن
ٻرنديون ٿي رهنديون،
ڌرتيءَ جي، نس - نس ۾
جڳن تائين -

## (اڻپورو ڏک)

شهر سڄي جو پاپ
هيڪلي سر
ڀوڳيو اٿم

هر ڪوٺي لڙڪ
ليٽڻ مان
ڪڙڻ نه ڏنم

ڪوٺي مڏڪو نه ڀريم

ڪنهن شريف زاديءَ جي
نحش سپنن وانگر
ڏک سيئي
جڳ کان لڪايا هوندم

ساري رات
سمهڻ جي ٻهاني
سگريٽ وانگر
پل - پل ڪري
دکي هوالديس
۽ - سج آيرڻ ڪان اڳ
ڦُلهيار جو ڍير
ڪٿ تان ڇنڊي ڇڏيو هولدم!

•

ديس جي سنسان ڪنڊين ۾ نچندڙ ڪهور اونداهيون
اکين ۾ ڀري ڇڏيان ته،
نور جي ڌارا ٿئجي
ديس سڄي تي وشال نيري آڪاش وانگر ڦهلجي وڃن
بيمار- ٻڪيا- اڌ آگهاڙا ٻار
گلاب جي خوشبوءِ وانگر، پل - پل ڪري
ڌرتيءَ جي نس- نس وامي ڇڏين
۽ دک سهڻي بي زبان انسانن جا
ڳيت ڏئي پي ڇڏيان
نس- نس ڀري ڇڏيان
ڌرتيءَ جي ميري- ميري پلاند ۾، ايندڙ پل
بند ۽ آداس چپن تي ڦهليل
ڀرپور مرڪ ٿئجي آيري
رات- سڄي
ڌرتيءَ جو مُک هٿن ۾ سجائي
چمندي رهان!



Gul Hayat Institute

# ولي رام ولڀ

•

هنن ٻي لور ۾ پوڙهين اکين ۾
تو ڪڏهن جهاتي پائي
اندر جو سوجهرو ٻسيو آهي؟
هن ڪاري ڪوجهي لڳل جسم پويان
اندر سرجندڙ
ڪوري ڪاڳر جهڙو وڙيندڙ وويک ڏنو آهي؟
هي ڏڪندڙ هٿ هميشه رهيا
ڪولڙن ڪچڙن هٿن جي ڇهاءُ جا منتظر
هي ٿڙون ٿيل پير هردم رهيا
ڪنڌا اورانگهيندا هٿن ڏانهن
هي ڪن اڃا آهن اوسيئڙي ۾
ماڪي- لار جهڙو مڌر آواز ٻڌڻ لاءِ
آئون اڄ ٻه آهيان سفر ۾
منزل ماڻڻ لاءِ.

•

من سمونڊ
سمونڊ ٿي ٻيو غوطا کائي
سمونڊ اندر.

•

ڪو ڏند ڪيي
مٿان ٻينو لهاري
اونهي کوهه ۾
مون کي ڪيرائي.

•

سگ ڇڳني
لاڳاپا لاهي
مون جهڙو هو ماڻهو
جبل جهڙو ڏينهن ڇهاڳي
لٿو وڃي پيو ماٽ ۾.

•

من منهنجي ۾
سنسار سمايل سارو
ڏسندو رهيس
آرسي ٻڌجي سنسار کي.

•

سالوٽيءَ ۾
ڏار ڏِسن ڪان
ٻن تير ڏارائن جو سنجوڳ
ڪير ڄاڻي
ڪير ڪنهن ۾ اوتيل؟
ڪير ڪنهن ۾ سمايل؟

•

ڪرسيءَ تي ڇڙهي
هو دوست منهنجو
سڃاڻي مون کي نه سگهيو.



Gul Hayat Institute

●

ٽر جو هي ٻارڙو
ڪونلي جهڙو ڪارڙو
انگ آگهاڙو- پيٽ ۾ ٻُڪ
اڄ ٻه ڏاسيارو
هڪ پيٽ ڪان ٻي پيٽ جي وچ ۾
پاڻيءَ جي ٿو ٻيڪ پني
پاڻي ڪانئس ڏور
پاتال ۾ يا ورِي آڪاس تي.

●

تنهنجي ساروڻي
جڻ ٽوهر جي ٽاريءَ ۾
ٻي ٽاري لسري.

●

تنهنجي جهلڪ
سُڪل ڏار ۾
ڳُوڻج نئون ڦُٽو.

---

# شرجيل

## نظم

ڪير ڪنهنجو ڪولهي
ڪير ڪنهنجو ڪونهي
جنهنجو آهي ڪو
آهو، پنهنجو پاڻ آهي
پروسو ٻي دِليو
اجايو ڪُنڪو
اڇي نه اڇي!
رات جو ڇا ٿيندا؟
اوسيڙا اڻ ستيا
ٻي ڏوڪ ٿي،
وقت جي گهڙيءَ- گهڙيءَ ڪي
مُٺ ۾ بند ڪندو
ڇڏيندو وچ
ڪير ڪنهنجو ڪونهي
ڪير ڪنهنجو ڪولهي.

Gul Hayat Institute

# امداد حسيني

## (غزل)

مون وٽ هڪڙي سِٽ لکي ٿي آهي صدين کان،
تنها آهيان، ملين ته جيڪر دوهو ٿجان مان.

ننگي آپ ڪي هٿَ نه آهن، ستر ڍڪي ڇا مان،
ڪهاڻا وڻ ٻاڙان ٿنجي ويا، منهنجي رستي مان.

ڪارونجهر جي ڪور مٿاران، آهه ٿهوڪيو مور،
ساڪي گولاج اڇي ٿي ڳجندي، ڪاج ڪيرٿر تان.

ڪيچ وٽن ڏي ويندي سسئيءَ، پڇيو مروٽن کان،
ولدر جي هن وات مٿي ڪٿ، آهه ادا ڪا ڇان.

ٻانهن ۾ ٻل ناهي ڇاهي، هيٺو لاهي هان،
ڇان ڇان جيءَ جُسي کي جوکو، تن تالڳهي تان تان.

سيجُ سڙي ته آهائي آهي، ڪالون جي ڪان ڪان.
چنبڙ اولڙو ڏسي ڪوهه ۾، ڏيڏر ڪن ٽان ٽان.

پيٽرول ڪي هٿ سان هاري، تيلي ڏيکاري،
ٻوٽي ٻدران گلشن ٻاري، ڪيچ ڪٿيو هو آن.

جيپَ جيپون ۾ آماڙ اکيون، دالگيءَ جهڙي دل،
ٿوهر هٿ ۾ امرت ٻدران، زهر ٻر ٻل هو ٿان.

ڌرتيءَ ڪنوار مٿان ڦُل ڇوليدي، سورج لهندو لان،
اوير پاسي آهتي رکجو، اڪڙيون ڳڙڪين جان.

Gul Hayat Institute

سحر امداد

## چٽيل آڱريون

اڄ:
الائي اوچتو
پنهنجو چهرو اجنبي ۽ اوپرو محسوس ٿيو
آرسيءَ ۾ پنهنجي چهري کي
ڏسڻ جي لئي وڏيس
آرسي اندي اکيي هئم
۽ تڏهن
پنهنجي چهري کي ڇُهڻ جون
خواهشون
ڇتين ڇولين جيان آڱريون هيون
وسوسن ۽ وهم مان
پار آڪري
چهري کي ڇُهيم:
چپ؛
نڪ؛
اکيون؛
ليلاٽ؛
۽ آتي ڪجهه ڪونه هو!
بس رڱو راڱو ڏائل هڪ پيٽ هئي
ان سمي ئي سندم آڱريون
اڏ ستڪل ميٽيءَ جي ٽڪرن جان؟
ڇٽيي پيون هيون.

Gul Hayat Institute

# ڪهاڻيون

...ڪرل ڪنهن خاص طبقي جو ڪهاڻيڪار ناهي. هن هر طبقي جي ڪردارن کي ڪنيو آهي. جيستائين مٿئين طبقي جي ڪردارن جو تعلق آهي، ته ان ۾ به مٿئين طبقي جي ڪوڪلائپ تي طنز ڪيل آهي.

...ڪرل وٽ موضوعن جي رنگارنگي آهي؛ هن جا ڪردار هڪ ئي ٽائيپ جا ڪردار ڪونه آهن، ڪرل جي وڏي ۾ وڏي خوبي اها آهي، ته هن جي ڪهاڻين ۾ روزمره جي زندگي پيش ڪيل هوندي آهي.

...ڪرل روزمره جي زندگيءَ کي انهن ڪوڙن رنگن روغنن کان آجو ڪري، وڌاءَ جي تهه چاڙهڻ کان سواءِ، فطري رنگ ۾ پيش ڪيو آهي— ان لحاظ کان، جيئن مون منڍ ۾ لکيو آهي، نسيم ٻلاشڪ سڀ کان وڏو ڪهاڻيڪار آهي.

— شوڪت حسين شورو
'ڏرتي' I، 1974ع

● سنڌ جي مشهور ڪهاڻيڪار ۽ اديب جناب نسيم احمد کرل جو قتل يقيناً نهايت ڏکوئيندڙ آهي. هو سنڌي ٻوليءَ جي سٺن ليکڪن مان هو، انڪري ان جي قتل سنڌي ادب ۽ خاص طور تي ڪهاڻيءَ جي فن کي وڏو نقصان رسايو آهي. افسوس آهي ته هھڙي اديب کي قتل ڪيو ويو!

[ روزانه ”هلال پاڪستان“ ڪراچي
17- جولاءِ 1978ع ]

● نسيم کرل جو ڏار ٿيڻ سنڌ لاءِ هڪ وڏو نقصان آهي، جنهن تي نه صرف سنڌيءَ ٻوليءَ جي هر گهڻگهري کي افسوس ٿيو آهي، پر سنڌ جي هر انهيءَ باشندي کي — جيڪو مُروت، اخلاق ۽ ساٿپي ۾ يقين رکي ٿو. نسيم نه صرف هڪ بااصول ساٿي هو، پر اعليٰ آدرشن جو مالڪ پڻ. هو صاف دل ۽ احساس جو ڏٺي هو. هن وٽ فنڪار جي دل ۽ اصول پرست انسان جو ضمير هو. اهو ئي ڪارڻ آهي جو هو زميندار هوندي به هڪ اهڙو ئي انسان هو، جنهن وٽ ڪهاڻين جا ڪردار فروعي نه، پر زندگيءَ جا حقيقي اولڙا پائيندڙ هئا.

[ روزانه ”سنڌ نيوز“ حيدرآباد
16- جولاءِ 1978ع ]

Gul Hayat Institute

# نسيم نسيم، ڪرل ڪرل

علي بابا

***************************************************

اٽز آل ماءِ امجينيشن.

اٽز آل ماءِ انسپائريشن.

اٽز آل.

نو آرگيومينٽ.

نسيم.

نسيم احمد ڪرل.

نسيم موهن جي دڙي جي سوئمنگ پول ڪان وڌي، الترڪالت جي سوئمنگ پول جو ليڪ آهي. (ان لاءِ ته مون لاءِ مٺو ناهي.)

نسيم!

آئون هن ڪي پنهنجي جيون ساٿ ڪيئن ميساري ڇڏيان؟ پلا "آخري مراد" جو ليکڪ، "پهرين مراد" جي رائيٽر ڪي ڪيئن ٿو وساري سگهي! ڪوئيسچن ڊزنٽ ارائيز.

اسين ڏاڍا سچا دوست هئاسين.

نسيم؟ (جوڪو هاڻ سچي؟ وڏو سوال پڇجي ويو آهي.) الائي ڪنهن پئي چيو:

"نسيم جو موت هڪ فيوڊل لارڊ جو موت آهي." مون کي ڪاوڙ ڪاڻ آئي. لارڊ لفظ تي ته مون کي پيار اچي ويو.

"ماءِ لارڊ."

"يو آر ماءِ لارڊ."

(دنيا ۾ لارڊ بائرن به آهي، پوءِ؟ ڪنهن ڪي، ڪنهن جي لارڊ هئڻ تي ڪو انڪار به آهي ڇا؟) الائي ڪير ڪنهنجو لارڊ آهي. ڀلي اسان جو ڪو لارڊ نه هجي، پر اسان لارڊس جي لائيف پڙهي به آهي.

اوهان...

اوهان نسيم سان ڪلهو ملائي سگهندا؟ الائي نسيم ٽيتيهين در سان ويو آهي، يا "چوٽيهين در" سان. هو آجهاڳ سمولڊن جو ماڻهو، آجهاڳ سمولڊن ڏاهن هليو ويو آهي.

”پاڻ ٿي ڪيري، ڦران. عورتن جو مٿو خراب آهي. ڦران، ڪڙيءَ ۾ عقل.“
(ٺهڪ)
”اوڪي - گڊ نائيٽ.“

ٻولارن ڪان ايندڙ آواز.
[”آڪي هولٽون ۾ ٽوئينگي ٻالي. آ... ٻڙي دوکي هين.]

[ساري - آئون اوهان جو ٻيڊ سرولٽ نه آهيان. ٿورڙي موسيقي
ٻڌي وٺان. ڀلا ڀيو اسان مائهن جي جيون ۾ آهي ڇا؟!...
ٻولارن سان الائي ڪيها ڪيها آواز ايندا آهن.
تون... تون نه ٿي سگهئين.
۽ آئون آئون نه ٿي سگهيس. آلا - ڪڏهن ڇڻ جدائي ڪين هٿاسين.
هڪ وات تان وينهي ويندي، چار وکون!
۽ پوءِ ٻهڪي، الائي ڪٿي، سدا لاءِ وڇڙي وياسين، ڪڏهن نه ملڻ لاءِ...

چنڊ تارن ۾ ڇا هي.
چنڊ تارن کي ڇا ڪنداسين؟
اسين ته ڌرتيءَ سان ڳنڍيل آهيون.
چنڊ تارا هجن يا نه،
ٻلي سور ۾ سرشتو ڇا،
آڪاس ته آڌري وڃن،
سان سدائين تنهنجي رهنديس.
نه وڃ پرين، ڇيچ ڇڏائي،
آئون ڏاڍو رئندس.
الائي ڪٿي دونهن ۾ يو آڌري.
من جي مترا ۾،
پلائينر جيها موتي پريا ٻها آهن. داسيءَ سان ايڏو ڪروڌ!...
[ماڻهو موتي ڳوليندي ڳوليندي ٻاتارن ۾ هليا ويندا آهن.]
وڃڻ وارا،
ڏاڍا زوراور،
راوان، ڪنگهن ٿي ڪين.

چلتي چلتي،
ميري يہ گيت ياد رکنا،
کبھي الوداع نا کھنا.
روتي هنستي،
يون هي تم، گنگناتي رهنا،
کبھي الوداع نا کھنا.
پيار کرتي کرتي،
هم تم کهين،
کهوجائينگي.
ان هي بهارون کي آنچل مين،
ٿک کي سوجائينگي.
سپنون کو، ڦر ڀي،
تم،...
يون هي سجاتي رهنا.
کبھي... ... ...
بيچ راه، هَمِين دلبر
بِڇڙ جائين کهين اگر
اور سوني لگي تمهين
جيون کي يہ ڊگر.
هم لوٽ آئينگي،
تم يون هي... بلاتي رهنا.
کبهي الوداع نا کهنا.
... ... ...
... ... ...
چلتي چلتي... ... ...

هڪ ڏينهن مون شمشيرالحيدري کان، نسيم جي ڪتاب ”چوڏهون در“ لاءِ رمارڪ ورتو. شمشير ان ۾ لکيو تہ: نسيم سنڌ جو هيوي ويٽ رائيٽر آهي، ڀورئين جوڙ جو.

۽ ويجهو جڏهن T.V تان ’مخزن‘ پروگرام ڏٺم، تڏهن بہ شمشير جي راءِ ساڳي هئي. مون کي حيرت آهي، شمشير اها سڀ ڳالهہ ڪندي، مرڪي ڪيئن نہ سگهيو!... (شمشيرا!...)
(مون کي خبر آهي، شمشير بيماري پروف ٿي نہ، شاڪ پروف بہ آهي)

(پورو- اڻ پورو)

# بابا فريد جا دوها

فريدا، مٽي لھ نندجي، مٽيءَ سَتُ نه ڪوءِ،
جيئري پيرن جي هيٺ، موءِ ٻه مٿان پوءِ.

فريدا، ٿي ھئين ڏيپُ جي، لُٻين ٻھرين سَتِ،
ڇجي، لتاڙجي، مُيجَ ٿي، رَمين سائينءَ وَٽِ.

فريدا، پيرن ڪان پيو، پير ڳھري ٿو چَتُ،
سُتَ ڪٽيندي عمر وڃي، ٻھرڻ چاھي پَتُ.

فريدا، اچي ھَڳَ ۾، ميري مَتِ مند يام،
ڳھلو روح جاٺي نه ٿو، ميٽي مٿان پونديام!

## (بلوچي) ولي محمد شاھاڻي

[ولي محمد شاھاڻي پٽ محمد شاھاڻي. اصل ويٺل ديھ ڪاھي چارو، لڳ منچر ڍنڍ- جتي سندن پاڙي جا ٽَلھا آھن. عمر: "ڏکن ڏاڙھي اچي ڪري ڇڏي آھي، نه ته مان ايڏو ڪو وڏو ڪوانه آھيان." سنڌي ۽ بلوچي ڪلام ٻڌندو آھي، ان ڪانسواءِ ڪيس بلوچي لوڪ ڪھاڻين ۽ منظوم رزميه قصن جو گھڻو ياد ڪيرو آھي. عھدا: ٻھرين پبلڪ اسڪول ۾ ھاڻ سنڌي ادبي بورڊ ۾ چوڪيدار.]

●

ھت ٻڌي ڏجانس سلام، ڪجلي اڪ جو آءٌ غلام
ڪاڏيءَ چڙھيو ٻھاڙ وڃان، نيڙو منھنجو سڄڻ اچا
آءٌ وڃان ٿو سنڌ الا، کھوريان جانب جند الا
ڏسان ڪاڇي ٻند الا، ڏوريان دلبر ھند الا
ملڪ مدھنو زور الا، منڙو منھنجو مور الا
ولي محمد شاھاڻي، ٻارت ھوءِ توڙ تائي.

—ترجمو: امداد حسيني

تصور آهي؛ جو ان طرح همعصر تاريخ جي تصور کي وڏيڪ هٿي ٿي ملي. جڏهن تاريخ جو مطلب آهي تپاس يا جاچ (Investigation or Inquiry)، تڏهن همعصر تاريخ جو مطلب آهي ڪنهن به هڪ دور يا 'دور جديد' (پوءِ اهو جيڪو به مقرر ڪيو وڃي) جو هڪ ڳوڙهو ۽ ڏاهپ وارو اڀياس، جنهن مان ڪي عام ۽ قبول ڪرڻ جهڙا قاعدا جوڙي سگهجن. ان ريت همعصر تاريخ به تاريخ جيان هڪ علم آهي، جيڪو ڪنهن به مقرر ڪيل دور جي تاريخ ڏئي ٿو. تاريخ جو اهو تصور، هيروڊوٽس (Herodotus) ڏنو هو، ان ڪري هن کي تاريخ جو ابو ڪوٺيو ويو آهي، توڙي جو تاريخ جي علم جو جهنڊو ابن خلدون جي هٿ ۾ آهي.

همعصر تاريخ جي باري ۾ نظرياتي بحث ڪو ٿيو آهي يا نه؟ تنهن جي مون کي خبر نه آهي؛ پر پاڻ هيروڊوٽس جا تاريخ لکي آهي، سا بلاشڪ همعصر تاريخ آهي. هيروڊوٽس جي فلسفي جي اهميت ۾ ٽي ڳالهيون شامل آهن: (1) هن تاريخ کي تپاس سمجهي، ان کي سائنسي فڪر سان مانوس ڪيو. (2) هن پنهنجي دور جي ڳجهاندڙن، ۽ مها ڪهاڻين يا مثالي ڪهاڻين کي ڇڏي، پنهنجي فڪر ۾ عام انسان جي مسئلن جو ذڪر ڪيو ۽ تاريخ کي انساني ۽ حقيقي مسئلن سان روشناس ڪرايو. (3) هن تاريخ کي عقل ۽ دليل جو بنياد فراهم ڪيو ۽ اهو پڌرايائين، ته شاهدي ڪيئن هٿ ڪجي ۽ ان جي ڇنڊڇاڻ ۽ تپاس ڪيئن ڪجي. ان حالت ۾ شاهدي (evidence) ۽ ان جي تشريح (Interpretation) جو تصور به اسان کي هيروڊوٽس وٽان مليو آهي، جنهن ۾ تاريخ کي عصر جي حالتن ۾ لکيو ويو آهي ۽ عام انساني معيارن حالتن سان دلچسپيءَ جو اظهار ڪيو ويو آهي. ڪالنگ ووڊ صاحب جو خيال به اهو ئي آهي. هيروڊوٽس جي اصولن تي لکڻ وارو پهريون تاريخ نويس، شايد ٿيوسيڊائيڊس (Thucydides) هو، جنهن هيروڊوٽس جي اصولن جي تحت لکيو. هن جو ڪتاب، جيڪو هن پيلوپونيشن جنگ (Peloponnesion war) تي لکيو، اهو واقعن جي تاريخ تي تمام اڳوٽو ڪتاب آهي.

هيروڊوٽس جي روايتن تي، پاڻ ابن خلدون به لکيو آهي؛ پر هن جي عظمت، علم تاريخ جي ڪري آهي. باقي پلوٽارچ، گبن، والٽيئر، گورڪي ۽ روميلو جهڙن عالمن، همعصر تاريخ جي فڪر ۾ لکيو آهي ۽ هنن، جنهن به دور تي لکيو آهي، تنهن کي دوام بخشي ڇڏيو اٿن، توڙي جو پلوٽارچ راوي هو ۽ "درباري" قسم جي تاريخ لکڻ لاءِ سوانح نگاريءَ کي اختيار ڪيو اٿس.

## 9- تاريخ، همعصر تاريخ ۽ شاعري

ان سوال تي لکڻ سان، اسان شايد سڄي مضمون جي اهم حصي تي پهچي ويا آهيون. اهوئي سبب آهي، جو اڳ پڙهندڙن جو ڌيان اڳ ۾ آيل صفحن ڏانهن ڇڪائي رهيو آهيان. ان کان اڳ اسان تاريخ ۽ همعصر تاريخ جا ڪي نهايت ئي اهم سوال بحث هيٺ آندا آهن ۽ ان هيٺ، اسان انهن جي هڪ وڇور ڏئي رهيا آهيون، ته جيئن اطمينان سان اڳتي وڌي سگهون. اسان ڏٺو آهي ته:

(5) هيروڊوٽس – ’هسٽري‘ جلد ٻه ڀاڱا. جارج رالنسن وارو ترجمو ڪيل لسخو ۽
ايوري مَن وارن جو ڇاپو، جيڪو اي - پي ڊَٽن وارن ٻيهر ڇپايو.
(6) پلو ٽارڇ – ’لائيوز‘ يا ”لائيف اسٽوريز آف مين هُو شيپڊ هسٽري“ جي مدد سان
جيڪو مينٽر وارن 1950ع ۾ ڇپايو ۽ لنڊن مان شايع ڪيو.
(7) گبن ايڊورڊ – ’دَ هسٽري آف ڊڪلائين اينڊ فال آف دَ رومن ايمپائر‘ (مختصر لسخو).
(8) ’ڪئسل‘ ڪمپني ”ڪلاسيفائڊ ڪوٽيشنس“. (تاريخ)
(9) ويليڪ ۽ ويرن ’ٿيري آف لٽريچر‘ جارج ايلن اينڊ ان ون وارن جو لسخو.
(10) ’جاسف شپلي‘ (ايڊيٽر) ڊڪشنري آف ورلڊ لٽريري ٽرمس. جارج ايلن ۽ ان ون
وارن جو لسخو.
(11) رَيلي ’هسٽري اينڊ دَ انڊويڊيوئل‘ هولٽ رينهارٽ ۽ ونسٽن وارن جو لسخو.
(12) پليخانوف – ’لائيف اينڊ ورڪس‘.
(13) لينن – ’ڪليڪٽيڊ ورڪس‘.
(14) رسالو مهراڻ – سنڌي ادبي بورڊ سال 1978ع جو پهريون نمبر. انور پيرزادي جو
نظم (سولهن اسم جون فعلي صورتون).
(15) انجيل مقدس – سنڌي ترجمو لاهور بائيبل سوسائٽيءَ وارن جو.

❦

ادب تي پنهنجو پاڻ کي مڙهڻ ۽ ٿاڦڻ جي لوڀ ۾
اهي ئي ڏُبٽيل آهن، جن جا پيٽ ڀريل ۽ دماغ
خالي آهن.

اوهان ساڳئي ايڊيٽوريل ۾ اڳتي صفحي VII تي هيئن لکيو آهي:

”اسان وٽ تنقيد جي نالي ۾ جيڪي ڪجهه لکيو، آکيو پيو وڃي، اهو ادب جي مفاد ۾ گهٽ پنهنجي مفاد ۾ ڪجهه سرس ٿي آهي. هٽ نوڪين، ٺهيل ٺڪيل نظرين، مدي خارج ۽ آڏوهي ڪاڏل ويچارن جي آڌار تي ادب جي ٻرڪ ٿهڙي تي هڪ وڏيڪ نقاب آهي، ۽ ڪمري ۾ هڪ لاش آهي، جو ٻئي ٻئي سڙي رهيو آهي- سنو آهي ته Cannibals ٽيڻ ٻدران، ان لاش کي هميشه هميشه لاءِ دفنايو وڃي.“

هن ڪان اڳ منهنجو موڪليل خط اوهان جي هن راءِ جو جواب آهي. هرڪو شخص پنهنجي مفاد لاءِ لکي ٿو، پنهنجي مفاد لاءِ ٻين جو استحصال (exploitation) ڪري ٿو. منهنجو خط بلڪل واضح آهي، چاهيو ها ته ڪهڙين ڳالهيون صاف ٿي وڃن ها. اوهان جو رايو يڪطرفو آهي. جدت ۽ ترقي پسنديءَ جي علمبردار هجڻ جي دعويٰ جو دليل ۽ جيڪڏهن ”سنجوڳ“ جي عنوان واري شاعري ”پنر جنم“ جي عنوان وارو افسانو آهي ته پوءِ اها جدت ۽ اها ترقي پسندي اوهان کي ئي سونهي. مون کي چين، اميريڪا، فرانس، جرمني، جپان، اٽلي ۽ مصر ۾ اوهان واري جدت ۽ اوهان واري ترقي پسندي نظر ڪانه آئي. البت هانگ ڪانگ ۽ بئنگڪاڪ ۾ اهڙي جدت پسنديءَ جي اُڄ ٿي هئي، جنهن ۾ سنجوڳ ۽ پنر جنم جا منظر هجن ها پر مون پنهنجو سجو توجهه ميوزيمن، آرٽ گئلرين ۽ ثقافتي ادارن ڏسڻ ۾ صرف ڪيو. اوهان جي نظر ۾ جدت، عرياني، اوگهڙ ۽ سيڪس جي تبليغ کي ئي چئبو آهي، اوهان جي نظر ۾ ترقي پسندي اسان جي ثقافتي ورثي ۽ لغت ۾ ضم ٿيل عربي ۽ فارسي لفظن کي ڪڍي، انهن جي بدران پراڻا متروڪ هندي لفظ استعمال ڪرڻ آهي، ته پوءِ اها ترقي پسندي سنڌي زبان، سنڌي زبان جي لغت، سنڌي علم ادب، سنڌ جي تمدن ۽ تهذيب جي تاريخ لاءِ نقصانڪار ثابت ٿيندي.

تعجب ته هن ڳالهه تي آهي جو اوهان جي جن ساٿين هنديءَ جا متروڪ لفظ استعمال ڪيا آهن، انهن کي انهن لفظن جي صحيح معنيٰ ۽ صحيح استعمال جي به خبر ڪانهي. انهن ۾ يد، يگ، اڌيڪار، ڪلپنا، دشا، ۽ ٻيا ڪيترائي اهڙا لفظ آهن، جيڪي اوهين روزمره جي ٻوليءَ ۾ هرگز ڪم آڻيندا نه آهيو، يا ڪو به جدت پسند اهي لفظ عام طور گهر ۾ ڳالهائيندو ئي نه آهي. پوءِ لکت ۾ اهي لفظ استعمال ڪرڻ غير فطري استعمال نه آهي؟

امداد صاحب! شاعريءَ واري حصي ۾ محر جو ”ڏوتل مک شيتل اکيون“ جي عنوان واري شعر ۾ ڪم آندل لفظ ”مک“ جي معنيٰ ”منهن“ ورتي ويئي آهي؛ دراصل مک جي معنيٰ منهن نه آهي، پر مک جي معنيٰ آهي ”وات“. اهڙيءَ طرح شيتل اکيون ۾ شيتل لفظ جو اچار غلط آهي، سنڌ ۾ اهو لفظ ”سيتل“ اچاريو آهي ۽ نه ڪ شيتل. اسان جي ڪيترن ئي هندو دوستن جو نالو سيتل آهي. ڀلا انهن لفظن جي استعمال سان ٻوليءَ ۾ ڪهڙي

الالا صاحب، جواب ۾ دير ان ڪري ٿي، جو اهو ڪيترن ئي صفحن تي ڦهليل هو ۽ ان کي مختصر ڪرڻو هو.

محترم استاد صاحب، قوم، ملڪ، ٻوليءَ، ادب ۽ اداري ڏانهن منهنجون جوابداريون ۽ فرض ڪهڙا آهن؟ ۽ مون انهن کي ڪهڙيءَ ريت پنهنجي نڀايو آهي، ان لاءِ مون کي ڪنهن به سرٽيفڪيٽ جي ڪاهي ڪينهي.

خلوص مان

امداد حسيني

ايڊيٽر، ٽماهي مهراڻ،

سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو سنڌ.

● ... سحر امداد جي ڪهاڻي ”ٻنرجنم“ زندگيءَ جو سچو مشاهدو آهي: ڪوڙ کان ڦرت ۽ آرٽيفشل زندگيءَ کان جند ڇڏائڻ جي ڀرپور ڪوشش، هڪ ڀيرو وري پڙهڻ تي مجبور ڪيو: ڪوڪلا لفظ، ڪوڪلا ماڻهو، ڀوري ڀيڙ، اڌمئيءَ ڪاڏل هيءَ سموري سوسائٽي- مثل مئنڊريڪس، راڪيٽ، ڀوپا، چرس، حشيش، ايل. ايس. ڊي ۽ وڏيڪ ڪوڪلا ٽينهآ وچون ۽ پيا لفظي جوڙ ڏئي سماج تي وڏو احسان ڪيو آهي....

- گل محمد کتري

## سنڌي فلم جي سرپرستي — سنڌي ٻوليءَ جي سرپرستي

## سالن جي تجربي جو نچوڙ — سنڌي فلمن ۾ اهم موڙ

## ڄاموٽ فلمز جي

## حاضر سائين

**ڊائريڪشن: ايس. گل**

Printed and Published by Ghulam Rabbani A. Agro, at the Sindhi Adabi Board's Printing Press, Tilak Incline Hyderabad, Sind.

## ثريا سوز

## غزل

ڪيئن حياتي آخر گهاريون، سوچيان ٿي،
ڪيسين پنهنجا جذبا ماريون، سوچيان ٿي.

هر روز اندر ۾ جوش نئون ٿو جاڳي،
پڙڪيل باهه پلا ڇو ٺاريون، سوچيان ٿي.

اونداهي ڇو آهي؟ پوسٽ ڇو آهي؟
جڳمڳ جوت نئين ڪا ٻاريون، سوچيان ٿي.

ڪو رهبر آهه نه ڪائي منزل آهي،
پنهنجو به لڳي ٿو ڏُر ڏاريون، سوچيان ٿي.

ڏور ڪنارو، تيز هوائون، مڙهه ڦاٽل،
ٺار منجهان ڪيئن ٻيڙي تاريون، سوچيان ٿي.

هٿ پير هئون اڳتي ته وڌون، لڪَ لنگهون،
ڏاڍ سندا ڪيئن ڏونگر ڏاريون، سوچيان ٿي!

## ماڊيڊو اوڊو

•

ڏُک جو ڪونهي ڏنگ، جيون ڪاريهر جو ڏنگ.
مون کي موهي سگهيو ڪينَ، ڊولڻ مائيءَ جو ڪو ڊنگ.
سوچي سوچي ذهن ٿڪو ته: ذهنن تي ڇو آهي زنگ.
مون کي چارڻ ڪونه سُجهي، ڇوري جيڪو هاڻي چنگ.
هيڏي هوڏي هاريل آهه، رڻدن تي اڄ ريٽو رنگ.
سانوڻ رُت ۾ وسندا مينهن، جهومي ڳائيندو جهرجهنگ.

•

ذات ڏيئي کي ٻاريندا سين، جاڳي جوت جياريندا سين.
ڳٽين منجهه ڳرون ڇو سائين، مُرڪي عمر گذاريندا سين.
گهر ۾ ساهه وڃي ٿو گهُٽجيو، کُليءَ هوا ۾ گهاريندا سين.

Gul Hayat Institute

